ابڙو عبدالرحيم ”بيدل“

# هالا ۾

بيان ڪهڙو عيان ڪريان، عجب اسرار هالا ۾،
ڏسڻ سان جو رکي تعلق، اهو ديدار هالا ۾.

هتي ”مخدوم سرور نوح“ جو روضو مبارڪ آ،
سري ٿو فيض روحاني، سراسر يار هالا ۾.

انهيءَ بزرگ ڀلاري جو، اچا اولاد هت آهي،
رهي ٿو ”طالب المولى“ سندس پڳدار هالا ۾.

عطا شل جاءِ جنت ۾ ٿئي ”مخدوم حيدر“ کي!
بنايو علم جو جنهن گلشن و گلزار هالا ۾.

ڪڏهن هن دشت ويران مان، خس و خاشاڪ جنهن چڏيا،
اهو مرد مجاهد هو، مٿو منار هالا ۾.

سندس ايثار عظمت جي، گواهي ٿا ڏين ڪڏجي،
سدا ڪاليج ۽ اسڪول جا مينار هالا ۾.

ادب ۽ علم جو صاحب، تدبر حلم جو مالڪ،
هچي ها هوند سو زنده، اچا دلدار هالا ۾!

اچو هاڻي گهمايان مان اوهان کي شهرِ هالا جو،
ڏسڻ جهڙي اٿو سچ پچ ادا بازار هالا ۾.

ڏني ور ور ڀڳو بيٺو، هجين تون يار هالن ۾،
اچي هيڪر گهمين جيڪر ڏسين سومار هالا ۾.

اچن ٿا قرب مان ڪاهيو، ڊگها ۽ ڊور ڳوٺاٺا
ملي هر پهرئين سومر تي اهو واپار هالا ۾.

جنبدي ڪاشي اسانجي شهر جي سوسين سدا سهڻيون،
انهيءَ صنعت سندر صانع، ٿيو زردار هالا ۾.

